# مديني جي زيارت ڪرڻ وارن جا ايمان افروز واقعا





سنڌي


شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العاليه

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مديني جي زيارت ڪرڻ وارن جا ايمان افروز واقعا

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آ ڳاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

# فهرست

دُرود شريف جي فضيلت ........ 3
مديني جي زيارت ڪرڻ وارن جون 24 حڪايتون ........ 3
﴿1﴾ روضي پاڪ مان خوشخبري ملي ........ 4
﴿2﴾ دربار رسالت ۾ حاضر ٿيڻ وارو بخشجي ويو ........ 5
﴿3﴾ اي روضہِ انور جي زيارت ڪرڻ وارؤ! بخشش حاصل ڪري موٽو! ... 6
﴿4﴾ ڏسو مدينو اچي ويو! ........ 7
﴿5﴾ سبز گھوڙي سوار ........ 8
﴿6﴾ ٻئي جو سلام پھچائڻ جي برڪت سان ديدار ٿي ويو ........ 9
﴿7﴾ اتي موجود ماڻھن روضي پاڪ مان سلام جو جواب ٻڌو ........ 10
﴿8﴾ وَعَلَيْکَ السَّلامُ يَاوَلَدِیْ ........ 11
﴿9﴾ وَعَلَيْکُمُ السَّلامُ يا محمد هاشم التَتوِي ........ 11
﴿10﴾ قبر انور مان هٿ مبارڪ نڪتو ........ 12
﴿11﴾ مان ڪريم آقا ﷺ وٽ آيو آهيان ........ 13
﴿12﴾ رحمتِ عالم ﷺ ڪاڏو موڪليو ........ 13
﴿13﴾ سرڪار مدينہ ﷺ جن ڪاڏو ڪارايو ........ 14
﴿14﴾ سرڪار مدينہ ﷺ جن درھم عطا فرمايا ........ 15
﴿15﴾ سرڪار ﷺ جن ماني عطا فرمائي ........ 16
﴿16﴾ جاڳيس تہ اڌ ماني هٿ ۾ هئي ........ 17
﴿17﴾ ڇا تہ ڪرم نوازي آهي! ........ 18
﴿18﴾ گھرو تہ وڏي شيء گھرو ........ 19
﴿19﴾ اعليٰ حضرت مِنٰي ۾ مغفرت جي دعا ڪرائي ........ 21
﴿20﴾ توهان زيارت جي لاءِ نہ آيا تہ اسان هليا آياسين ........ 22
﴿21﴾ اسان اوهان جو عُذر قبول ڪيو ........ 23
﴿22﴾ پٽ قيد مان آزاد ٿي ويو ........ 23
﴿23﴾ غيب دان آقا خواب ۾ برسات جي بشارت ڏني ........ 24
﴿24﴾ کوھ مان آزادي ڏياري ........ 25

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مديني جي زيارت ڪرڻ وارن جا ايمان افروز واقعا

شيطان ڪيتري ۾ سستي ڏياري پر هي رسالو پڙهي وٺو، ان شآءَالله اوهان مکي مديني جي حاضري جي لاءِ بيتاب ٿي ويندؤ.

## دُرود شريف جي فضيلت

اُمُّ المؤمنين حضرت سَيِّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي ته صاحبِ معراج، محبوب ربّ بي نياز صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ڪو ٻانهو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي ته ملائڪ ان درود کي مٿي کڻي ويندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پهچائيندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو آهي: ”ان درود کي منهنجي ٻانهي جي قبر ۾ کڻي وڃو ته اهو درود پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ اِستِغفار ڪندو رهندو ۽ ان (خاص ٻانهي) جون اکيون ان کي ڏسي ٺڏيون پيون ٿينديون.“ (جمع الجوامع ج 6 ص 321 حديث 19461)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جي زيارت ڪرڻ وارن جون 24 حڪايتون

(انهن حڪايتن ۾ مديني جي حاضريءَ وغيره جو خاص ذڪر آهي)

# ﴿1﴾ روضي پاڪ مان خوشخبري ملي

اميرُ المؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضي، شير خدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا تہ تاجدار مدينہ، قرار قلب سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار شريف ۾ تشريف فرما ٿيڻ جي ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪ اعرابي حاضر ٿيو، اهو قبر مبارڪ سان والهانہ چنبڙي پيو ۽ قبر شريف جي خاڪِ پاڪ پنهنجي مٿي تي وڌي ۽ ائين عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو ڪجھ اوهان الله تبارڪ و تعاليٰ کان ٻڌو اهو اسان اوهان کان ٻڌو (۽ اهو هي آهي تہ)

وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

(پ 5 النساء 64)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبهہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو آهي (يعني گناهہ ڪيا آهن) ۽ اوهان جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ حاضر ٿيو آهيان تہ جيئن اوهان منهنجي لاءِ اِسۡتِغۡفار فرمايو، قبر مبارڪ مان آواز آيو: "قَدْ غُفِرَ لَكَ" يعني تحقيق تنهنجا گناهہ بخشيا ويا.

(وفاء الوفا ج 2 ص 1361)

عَیب محشر میں کھلا ہی چاہتے تھے مَیں نثار
ڈھک کے پردہ اپنے دامن کا چُھپایا شکریہ

(وسائل بخشش ص304)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيڻ وارو بخشجي ويو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عُيُونُ الحِكايات“ حصي پهرين، صفحي 308 تي امام عبدالرّحمٰن بن علي جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ حضرت سيّدنا محمد بن حَرب هلالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن بيان ڪيو تہ ”هڪ دفعي مان روضہِ رسول تي حاضر هئس تہ هڪ اعرابي آيو ۽ حضور انور، شافعِ مَحشر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ ائين عرض ڪرڻ لڳو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي جيڪو سچو ڪتاب نازل فرمايو آهي، ان ۾ اها آيت بہ آهي:

وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

(پ 5 النساء 64)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

اي منهنجا آقا ۽ مولا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان بخشڻهار ربّ عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي ڪوتاهين ۽ گناهن جي معافي گهرندي اوهان جي دربار ۾ حاضر ٿيو آهيان ۽ اوهان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پنهنجو شفيع بڻايان ٿو. اهو چئي اهو عاشق رسول روئڻ لڳو ۽ ان جي زبان تي اهي شعر هئا:

يَا خَيْرَ مَنْ دُفِنَتْ بِالْقَاعِ اَعْظُمُهُ فَطَابَ مِنْ طِيْبِهِنَّ الْقَاعُ وَالْاَكَمُ
رُوْحِی الْفِدَاءُ لِقَبْرٍ اَنْتَ سَاكِنُهُ فِيْهِ الْعِفَافُ وَفِيْهِ الْجُوْدُ وَالْكَرَمُ

**ترجمو:** (1) اي اها بهترين ذات! جنهن جو مبارڪ وجود ان زمين ۾ دفن ڪيو ويو تہ ان جي عمدگي ۽ پاڪيزگيءَ سان ميدان ۽ دڙا معطر ٿي

ويا. (2) منهنجي جان فدا ٿئي ان نوراني قبر تان جنهن ۾ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آرام فرمائي رهيا آهن، جنهن ۾ پارسائي سخاوت، عفو ۽ ڪرم جو وڏو قيمتي خزانو آهي.

اهو عاشق رسول گهڻي دير تائين انهن شعرن کي پڙهندو رهيو، پوءِ پنهنجي گناهن جي معافي گهرندي اشڪبار اکين سان اتان ڪان هليو ويو. حضرت سيدنا محمد بن حرب هلالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا ته جڏهن مان ستس ته خواب ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، پاڪ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِلْحَقِ الرَّجُلَ فَبَشِّرْهُ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ غَفَرَ لَهٗ بِشَفَاعَتِيْ يعني ان اعرابي سان ملو ۽ ان کي خوشخبري ٻڌايو ته الله ربّ العزت منهنجي سفارش جي ڪري ان جي مَغفرت فرمائي ڇڏي آهي. (عيون الحكايات ص 378 ملخصا)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرگزشتِ غم کہوں کس سے ترے ہوتے ہوئے کس کے در پر جاؤں تیرا آستانہ چھوڑ کر
بخشوانا مجھ سے عاصی کا روا ہوگا کسے! کس کے دامن میں چھپوں دامن تمہارا چھوڑ کر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ اي روضهءِ انور جي زيارت ڪرڻ وارؤ! بخشش حاصل ڪري موٽو!

حضرت سيدنا حاتِم اَصَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رحمتِ عالم، نور مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ وٽ بيهي دعا ڪئي: ياربّ عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي حبيب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر اطهر جي زيارت ڪئي، هاڻي تون مون کي نامراد نہ موٽاءِ. آواز آيو: اي ٻانها! اسان تو کي پنهنجي محبوب جي مزار شريف جي زيارت جي اجازت ئي

تڏهن ڏني جڏهن تو کي پاڪ ڪرڻ چاهيو ٿي، هاڻي تون ۾ تو سان گڏ زيارت ڪرڻ وارا بخشش حاصل ڪري موٽي ويو، بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ تو کان ۾ ان کان راضي ٿي ويو جنهن پياري نبي، محمد مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي شريف جي زيارت ڪئي. (الروض الفائق ص 306)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بُلاتے ہیں اُسی کو جس کی بگڑی یہ بناتے ہیں
کمر بندھنا دیارِ طیبہ کو کُھلنا ہے قسمت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ڏسو مدينو اچي ويو!

حضرت سيدنا ابراهيم خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان هڪ سفر ۾ سخت اُڃ جي ڪري بيقرار ٿي ڪِري پيس ته ڪنهن منهنجي منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هنيا، مون اکيون کوليون ته ڇا ٿو ڏسان ته هڪ حسين و جميل بزرگ خوبصورت گهوڙيءَ تي سوار آهن. انهن مون کي پاڻي پياريو ۽ فرمايائون مون سان گڏ سوار ٿي وڃو، اڃا ڪجھ قدم هليا هئاسين ته فرمايائون: ڏسو! ڇا نظر اچي رهيو آهي؟ مون چيو: ”اهو ته مدينو پاڪ (زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا) آهي.“ فرمايائون: لهو ۽ وڃو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ سلام عرض ڪيو ۽ اهو به عرض ڪجو ته حضرت خضر (عَلَيْهِ السَّلَام) به اوهان جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيو آهي. (روض الرياحين ص 126)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کسی کے ہاتھ نے مجھ کو سہارا دے دیا ورنہ
کہاں میں اور کہاں یہ راستے پیچیدہ پیچیدہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ سبز گهوڙي سوار

حضرت سيدنا شيخ ابو عمران واسطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوی فرمائن ٿا تہ مان مڪي مڪرم زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا کان مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا ڏانهن سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مزار فائضُ الانوار جي ديدار جي نيّت سان نڪتس، رستي ۾ مون کي ايتري تہ سخت اُڃ لڳي جو موت يقيني هو، بيوس ٿي هڪ ٻٻر جي وڻ جي هيٺان ويهي رهيس. اوچتو سبز(سائي) گهوڙي تي سبز(سائي) لباس وارو هڪ شخص ظاهر ٿيو. ان جي گهوڙي جو لغام ۽ زين بہ سبز(سائي) هئي ۽ پڻ ان جي هٿ ۾ سبز شربت سان ڀريل سبز پيالو هو. اهو انهن مون کي ڏنو ۽ فرمايو: پيئو ۽ مان ٽن ساهين ۾ پي ويس، پر ان مان ڪجهہ بہ گهٽ نہ ٿيو. پوءِ انهن مون کان پڇيو تہ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ مون چيو: مدينہ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا تہ جيئن رحمت عالم، رسول محتشم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جي بارگاھ ۾ سلام عرض ڪيان. فرمايائون: جڏهن توهان اتي پهچي پنهنجو سلام عرض ڪري وٺو تہ انهن ٽنهي عظيم هستين کي عرض ڪجو: رضوان (فرشتو، خازنِ جنّت) بہ اوهان جي بارگاھ ۾ سلام پيو عرض ڪري. (روض الرياحين ص 329) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي **انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جاں بلب ہوں جاں بلب پر رحم کر
اے لبِ عیسیٰ دورانِ الغیاث (ذوق نعت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ ٻئي جو سلام پهچائڻ جي برڪت سان ديدار ٿي ويو

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مان پنهنجي ملڪ يمن جي شهر صنعا کان حج جي ارادي سان نڪتس ته ڪيترائي عاشقانِ رسول رخصت ڪرڻ لاءِ شهر کان ٻاهر تائين آيا. هڪ عاشقِ رسول مونکي چيو: سروَر ڪونين، رحمتِ دارين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمين ۽ ٻين اصحابن سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مبارڪ بارگاهن ۾ منهنجو سلام عرض ڪجو. جڏهن مان مديني پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا حاضر ٿيس ته ان عاشق رسول جو سلام عرض ڪرڻ وسري ويو ۽ جڏهن اتان موٽي ذوالحُلَيفَه پهتس ۽ اِحرام ٻڌڻ جو ارادو ڪيو ته مون کي ان عاشق رسول جو سلام پهچائڻ ياد اچي ويو. مون پنهنجي ساٿين کي چيو ته منهنجي واپس موٽڻ تائين منهنجي اُٺ جو خيال رکجو، مون کي هڪ ضروري ڪم سان مديني شريف وڃڻو آهي. ساٿين چيو: هاڻي قافلي جي روانگي جو وقت آهي ۽ اسان کي لڳي ٿو ته جيڪڏهن تون قافلي کان جدا ٿي وئين ته پوءِ مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا تائين ٻه ملي نه سگهندين. مون چيو: پوءِ منهنجي سواريءَ ٻه پاڻ سان ڪاهيو وڃجو.

مان واپس مدينه منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا آيس ته روضي پاڪ تي حاضر ٿي ان عاشق رسول جو سلام شهنشاهِ خيرالانام صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اصحابن سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو، رات ٿي چڪي هئي. مان مسجد نبوي شريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان ٻاهر نڪتس ته هڪ شخص مون کي ذوالحُلَيفه کان ايندي مليو مان ان کان قافلي جي باري ۾ پڇيو ته ان چيو قافلو روانو ٿي چڪو آهي. مان مسجد نبوي شريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ واپس موٽي آيس ۽ ارادو ڪيو ته

ڪنهن بئي قافلي سان گڏ هليو ويندس ۽ پوءِ سمهي پيس. رات جي آخريءَ پهر خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جي زيارت سان مشرف ٿيس. حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ”يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي اهو ئي شخص آهي.“ رسول اڪرم، نور مجسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون ڏانهن ڏٺو ۽ فرمايو: ”ابو الوفا“ مون عرض ڪيو ته يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ڪُنيت ته ابوالعباس آهي، فرمايائون: تون ابوالوفا (يعني وفادار) آهين پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ مون کي مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ ۽ اهو به خاص مسجد الحرام ۾ پهچائي ڇڏيو، مان مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ 8 ڏينهن تائين رهيس ۽ ان کان پوءِ منهنجي ساٿين جو قافلو مڪي شريف پهتو. (روض الرياحين ص 322) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

غمزدوں کو رضا مژدہ دیجے کہ ہے
بیکسوں کا سہارا ہمارا نبی (حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿7﴾ اتي موجود ماڻهن روضي پاڪ مان سلام جو جواب ٻڌو

حضرت سيدنا شيخ ابونصر عبدالواحد بن عبدالملڪ بن محمد بن ابوسعيد صوفي ڪرخي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: مان حج کان فارغ ٿي مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا آيس ۽ روضي پاڪ تي حاضر ٿيس، حُجري شريف جي ويجهو وينو هيس ته حضرت شيخ ابوبڪر دِيار

بڪري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوى تشريف فرما ٿيا ۽ مُواجهه شريف جي سامهون بيهي عرض ڪيو: اَلسَّلامُ عَلَيۡکَ يَارَسُولَ الله ته مون ۽ اتي موجود سيني ٻڌو ته روضي مبارڪ مان آواز آيو: وَعَلَيۡکَ السَّلامُ يَا اَبَا بَکر. (الحاوي للفتاوي ج 2 ص 314) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وہ سلامت رہا قیامت میں پڑھ لئے جس نے دل سے چار سلام
اس جواب سلام کے صدقے تا قیامت ہوں بے شمار سلام (ذوق نعت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ وَعَلَيۡکَ السَّلامُ يَاوَلَدِیۡ

حضرت شيخ سيد نور الدين اِيجِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن روضي مبارڪ تي حاضر ٿيا ته عرض ڪيائون: اَلسَّلامُ عَلَيۡکَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَکَاتُهٗ ته جيترا ماڻهو اتي ان وقت حاضر هئا انهن سيني ٻڌو ته روضي مبارڪ مان جواب آيو: وَعَلَيۡکَ السَّلامُ يَاوَلَدِیۡ يعني ۽ تو تي سلام هجي اي منهنجا پٽ! (الحاوي للفتاوي ج 2 ص 314) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبّت
ہے ترکِ ادب ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو! (ذوق نعت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ وَعَلَيۡکُمُ السَّلامُ يا محمد هاشم التتوي

شيخ الاسلام حضرت سيدنا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

جڏهن مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا ۾ روضي مبارڪ تي حاضر ٿيا ۽ صلواة و سلام عرض ڪيو تہ پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ يا مُحَمَّد هاشِمُ الْتَتوى. (انوار علماء اهلسنت سنڌ ص 714 ملخصًا)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اے مدینے کے تاجدار سلام اے غریبوں کے غمگسار سلام

تیری اِک اِک ادا پہ اے پیارے سو دُرودیں فدا ہزار سلام (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾ قبر انور مان هٿ مبارڪ نڪتو

حضرت سيدنا شيخ احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن حج کان فارغ ٿي مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا روضي پاڪ تي حاضر ٿيا تہ عربي ۾ ہہ شعر پڙهيا، جن جو ترجمو اهو آهي: (1) پري هئڻ ڪري مان پنهنجي روح کي بارگاهِ اقدس ۾ موڪليندو هئس تہ اهو منهنجو نائب ٿجي آستانہ عاليہ کي چمندو هو. (2) ۽ هاڻي جسماني طور حاضر ٿي ملڻ جو شرف مليو آهي تہ پوءِ پنهنجو هٿ مبارڪ وڌايو تہ جيئن منهنجا چپ انهن کي چمن. جيئن ئي شعر پورو ٿيو هٿ مبارڪ قبر انور مان ٻاهر نڪتو ۽ انهن هٿ مبارڪ چميو. (الحاوي للفتاوي ج 2 ص 314) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واہ کیا جُود وکَرَم ہے شہِ بَطحا تیرا

''نہیں'' سُنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا (حدائقِ بخشش)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿11﴾ مان ڪريم آقا ﷺ وٽ آيو آهيان

حضرت سيدنا داوٗد بن ابي صالح رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آستانِ عاليشان تي هڪ ڏينهن خليفو مَروان حاضر ٿيو، اتي ان هڪ شخص کي قبر مبارڪ تي منهن رکيل ڏٺو تہ ان جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين تہ خبر آهي ڇا پيو ڪرين؟ جي ”ها خبر آهي“ چئي ان ڏانهن متوجهہ ٿيا، اهي شخص رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا مشهور صحابي حضرت سيدنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هئا. فرمايائون: مان رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيو آهيان ۽ ڪنهن پٿر وٽ نہ آيو آهيان ۽ مون رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي تہ دين تي ان وقت نہ روئو جڏهن ان جو والي اهل هجي پر ان وقت ضرور روئو جڏهن ان جو والي نااهل هجي. (المستدرڪ ج 5 ص 720 حديث 8618) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

عُشّاقِ روضہ سجدے میں سُوئے حَرَم جُھکے
**اللّٰہ** جانتا ہے کہ نیّت کدھر کی ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿12﴾ رحمتِ عالم ﷺ ڪاڏو موڪليو

حضرت سيدنا امام ابو بڪر بن مُقرِي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡقَوِی فرمائن ٿا تہ مان ۽ سيدنا امام طَبَراني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِی ۽ سيدنا ابو الشيخ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ اسان ٽئي مديني منوره زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعۡظِیۡمًا ۾ حاضر هئاسين. ٻن ڏينهن کان ڪاڏو

نہ مليو هو ۽ بک سبب بيحال ٿي ويا هئاسين. جڏهن عشاء جو وقت آيو تہ مون روضي پاڪ تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! "اَلْجُوع!" يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! بک. مون ان کان علاوه ٻيو ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ واپس موٽي آيس، مان ۽ ابو الشيخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سمهي رهياسين ۽ طبراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ويٺي ڪنهن جو انتظار ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ ڪنهن اسان جي گهر جو دروازو کڙڪايو اسان دروازو کوليو تہ هڪ علوي شخص پنهنجن ٻن غلامن سان تشريف فرما ٿيا، ٻنهي وٽ ڪاڏي سان ڀريل هڪ هڪ ٽوڪري هئي. اهي علوي بزرگ چوڻ لڳا: شايد اوهان حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ بک جي شڪايت ڪئي آهي، جو تہ مان خواب ۾ رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيو آهيان ۽ سرورِ ڪائنات صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي لاءِ فرمائي رهيا هئا تہ انهن کي ماني کارايو. بهرحال انهن اسان سان گڏجي ماني کاڌي ۽ جيڪو ڪجهہ بچيو اهو اسان کي ڏئي هليا ويا. (جذب القلوب ص 207، وفا الوفا ج 2 ص 1380) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں
سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں (وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿13﴾ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کاڌو کارايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! اسان جا مٺا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غلامن تي نظرِ ڪرم فرمائيندا آهن ۽ مصيبت ۾ ڦاسڻ جي صورت ۾ مدد ڪندا آهن ۽

بکايلن کي کاڌو کارائيندا آهن. ان باري ۾ هڪ بي حڪايت ملاحظ فرمايو: حضرت سيدنا امام يوسف بن اسماعيل نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي نقل ڪن ٿا ته حضرت سيدنا شيخ ابوالعباس احمد بن نفيس تُونِسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان هڪ دفعي مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ سخت بک جي حالت ۾ سرڪار عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بکايل آهيان، اوچتو مون کي ننڊ اچي وئي. ٿوري دير کان پوءِ ڪنهن اچي جاڳايو ۽ مون کي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، مان ان سان گڏ ان جي گهر آيس، ميزبان ڪارڪون، گيهه ۽ ڪڻڪ جون مانيون پيش ڪري چيائين ته پيٽ ڀري کائو ڇو ته مون کي منهنجي جد امجد مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اوهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو آهي ۽ آئنده ڪڏهن به بک محسوس ٿئي ته اسان وٽ تشريف ڪڻي اچجو. (حجة الله علي العٰلمين ص 573)

پیتے ہیں ترے در کا کھاتے ہیں ترے در کا

پانی ہے ترا پانی دانہ ہے ترا دانہ (سامانِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿14﴾ سرڪار مدينه ﷺ جن درهم عطا فرمايا

حضرت سيدنا احمد بن محمد صوفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان ٽن مهينن تائين جهنگلن ۾ ڦرندو رهيس، ايتري تائين جو منهنجي سڄي کل ڳري وئي. آخرڪار مان مدينه منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ حاضر ٿي غمگين دلين جي چين، سرورِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي بارگاهه ۾ سلام عرض ڪيو ۽ سمهي پيس. خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف

تيس تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائي رهيا هئا: ”احمد“ تون اچي وئين. ڏس تہ سهي! تنهنجو ڇا حال ٿي ويو آهي؟ مون عرض ڪيو: اَنَا جَائِعٌ وَاَنَا ضَيْفُکَ يَا رَسُوْلَ الله يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان بکايل آهيان ۽ اوهان جو مهمان آهيان. رحمتِ عالم، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هٿ کول!“ جڏهن مون پنهنجو هٿ کوليو تہ ان ۾ ڪجهہ درهم هئا ۽ جڏهن اک کلي تہ اهي درهم منهنجي هٿ ۾ موجود هئا. مون بازار وڃي ماني ۽ فالودو خريد ڪري کاڌو. (جذب القلوب ص 207، وفا الوفا ج 2 ص 1381) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

منگتا تو ہے منگتا کوئی شاہوں میں دکھادے

جس کو مرے سرکار سے ٹکڑا نہ ملا ہو! (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿15﴾ سرڪار ﷺ جن ماني عطا فرمائي

حضرت سيدنا اِبنُ الجَلاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا حاضر ٿيس ۽ ڪجهہ وقت بک جي حالت ۾ گذريو. سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پر انوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: اَنَا ضَيْفُکَ يَارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جو مهمان آهيان. پوءِ مون تي ننڊ جو غلبو ٿيو ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ اچي مون کي هڪ ماني عنايت فرمائي ۽ مان خواب ۾ ئي کائڻ لڳس اجا اڌ ماني مس کاڌي هئي جو اک کلي وئي ۽ مانيءَ جو اڌ ٽڪر منهنجي هٿ ۾ هو. (جذب القلوب ص 207، وفا الوفا ج 2 ص 1380) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن

جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ﴿16﴾ جاڳيس ته اڌ ماني هٿ ۾ هئي

حضرت سيدنا ابوالخير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ شهر مرني مديني زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا حاضر ٿيس ته پنجن ڏينهن جو بکايل هيس مان شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جي مقدس درٻارن ۾ به سلام پيش ڪيو ۽ پوءِ عرض ڪيو: اَنَا ضَيْفُكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه يعني يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جو مهمان آهيان، ان کان پوءِ منبر پاڪ وٽ وڃي سمهي پيس. اکيون ته چا بند ٿيون جو دل جون اکيون کلي ويون، ڪرم ٿي ويو ۽ مان خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مشرف ٿيس ۽ شيخين ڪريمين ۽ مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم به گڏ هئا. مولا علي كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن مون کي لوڏيو ۽ فرمايو: اٿو! احمدِ مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا آهن. مان اٿي خواب ئي خواب ۾ حبيب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نوراني پيشاني چمي ورتي. نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي هٿ ۾ هڪ ماني عنايت فرمائي. مان اڌ ماني خواب ۾ ئي کائي ورتي ۽ جڏهن اک کلي ته باقي اڌ ماني منهنجي هٿ ۾ هئي. (شواهد الحق في الاستغاثة بسيدالخلق ص 240)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.
اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں
سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں (وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿17﴾ ڇا ته ڪرم نوازي آهي!

حضرت سيدنا ابوعمران موسيٰ بن محمد بنزرتي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوِی فرمائن ٿا ته مان مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ حاضر هيس ۽ مالي پريشاني جو فرياد ڪٽي سرڪار نامدار، بيڪسن جي مددگار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: اَنَا فِيْ ضِيَافَةِ اللّٰهِ وَضِيَافَتِکَ. مان الله تعاليٰ ۽ اوهان جي مهماني ۾ آهيان. عصر جي نماز جي انتظار ۾ ويٺي ويٺي مون کي ننڊ اچي وئي، ڇا ٿو ڏسان ته حجرو مبارڪ کليو آهي ۽ ان مان ٿي پاڪ هستيون باهر تشريف فرما ٿيون آهن. مان شهنشاهِ خير الانام صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت سراپا عظمت ۾ سلام پيش ڪرڻ جي لاءِ اٿڻ لڳس ته مون سان گڏ ويٺل شخص چيو ته ويهي رهه، جو ته نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاجين سڳورن کي "سلام" جو تحفو عنايت ڪرڻ ۽ جيڪي غريب مسڪين آهن، انهن ۾ ڪاڌو ورهائڻ جو ارادو ڪيو آهي. مون چيو: "مان به انهن مان آهيان" پوءِ جڏهن حبيب خدا، احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ته حاجين سڳورن کي سلام ارشاد فرمايائون، مان به هٿ ملائڻ ۽ هٿ چمڻ جو شرف حاصل ڪيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حلوي جهڙي ڪا شيءِ منهنجي هٿ تي رکي جيڪا مون ان وقت ئي وات ۾ وجهي ڇڏي. جڏهن اک کلي ته ان کي کِهڻ جي لاءِ وات هلائي رهيو هيس ۽ انهيءَ شي جو ذائقو به وات ۾ موجود هو جڏهن باهر نڪتس ته الله تعاليٰ مون کي اهڙو شخص عطا فرمايو جنهن بنا ڪرائي جي سواري جو بندوبست ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻئي جي ذميداري لڳائي جيڪو مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا پهچڻ تائين منهنجي خدمت ڪندو رهيو. (شواهد الحق ص 241 ملخصاً) الله

عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شُکر ایک کرم کا بھی ادا ہو نہیں سکتا
دل تم پہ فدا جانِ حسن تم پہ فدا ہو (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿18﴾ گهرو ته وڏي شيءِ گهرو

هڪ شخص جو بيان آهي ته مان مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ رهندو هيس، مون کي بک پريشان ڪيو ته مزار اقدس تي حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو: يا رسول الله! اَلْجُوْع! يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بکايل آهيان. اهو عرض ڪرڻ کان پوءِ حجري مبارڪ جي ويجهو ويهي رهيس. هڪ سيد صاحب مون وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ چيائون ته ”اچو“ مون پڇيو: ڪيڏانهن؟ جواب ڏنائين ته ”اسان جي گهر هلو ته جيئن اوهان ڪجهه کائي پي سگهو“ مان ان سان گڏ هلڻ لڳس ۽ انهن مون کي ٿَريد جو هڪ پيالو ڏنو جنهن ۾ گوشت ۽ زيتون شريف گهڻي مقدار ۾ هو. مون گهڻو کاڌو ۽ واپسيءَ جو ارادو ڪيو، انهن چيو ته اجا کائو مان تورو اجا کاڌو ۽ جڏهن واپس موٽڻ لڳس ته انهن نصيحت جا مدني گل ارشاد فرمايا: اي ڀاءُ! سوچيو ته سهي! اوهان ڪيترو پري کان انهن علائقن مان ايندا آهيو، جهنگل ۽ بيابان جا ڪشالا ڪٽي، سمند پار ڪري پنهنجي گهربار کي ڇڏي ۽ پوءِ وڃي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ حاضري جو شرف حاصل ڪندا آهيو، پر هتي پهچي اوهان جو سڀ کان وڏو مقصد اهو رهجي ويندو آهي ته يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ماني جو ڪو ٽڪرو عطا فرمايو. اي منهنجا

ياءُ! جيڪڏهن اوهان جنت گهرو ها، گناهن جي مغفرت جو سوال ڪريو ها الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا منديءَ جو مطالبو ڪيو ها يا اهڙي قسم جو ڪو ٻيو عظيم مقصد ۽ دعا سندن بارگاهه ۾ پيش ڪيو ها ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان اهو عظيم مقصد به حاصل ٿي وڃي ها. (شواهد الحق ص 240) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مانگیں گے مانگے جائیں گے منہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ "لا" ہے نہ حاجت "اگر" کی ہے (حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو ذهن نشين ڪريو ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي بک جي فرياد ڪرڻ ۾ مَعَاذَاللّٰه ڪو به عيب ناهي، بلڪ اها به تمام وڏي سعادت آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪيئي عالمن ۽ محدثن جون حڪايتون پويان گذري چڪيون آهن. ان هوندي به سيد صاحب جا مدني گل به پنهنجي جاءِ تي مدينه مدينه آهن جڏهن ته اسان پياري آقا، ٻنهي جهانن جي سخي داتا، مڪينِ گنبذ خضرا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم دربار ۾ جهولي ڦهلائي آهي ته پوءِ ٿورو ڇو گهرون؟ سندن جي بارگاهه ۾ ته دنيا ۽ آخرت جي سيني ڀلائين جو سوال ڪرڻ گهرجي. مال ۽ جان جي حفاظت، دين ۽ ايمان تي استقامت، مني مديني ۾ عافيت سان شهادت، بقيع شريف ۾ مدفن، بي حساب مغفرت ۽ جنّتُ الفردوس ۾ سندن جوارِ رحمت ۾ جڳهه جو سوال ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مانگنے کا شُعُور دیتے ہیں جو بھی مانگو حُضُور دیتے ہیں
کم مانگ رہے ہیں نہ سِوا مانگ رہے ہیں جیسا ہے غنی وَیسی عطا مانگ رہے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿19﴾ اعليٰ حضرت مِنيٰ ۾ مغفرت جي دعا ڪرائي

اهڙي طرح ڪنهن بزرگ سان پنهنجي عقيدت ۽ الله تعاليٰ جي دربار ۾ ان بزرگ جي مقبول ٿيڻ جو حسن ظن قائم ٿئي ته ان ڪان رڳو دنيا جي حاجت پوري ٿيڻ بابت دعا جي درخواست ڪرڻ بجاءِ بي حساب معفرت جي دعا جو به چوڻ گهرجي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بزرگن ڪان رڳو مغفرت جي دعا ڪرائڻ جو معمول هوندو هو، جيئن فرمائن ٿا (پهريون دفعو مديني شريف جي حاضريءَ جي موقعي تي جڏهن مِنيٰ شريف جي مسجد مان سڀ ماڻهو هليا ويا) ته مسجد جي اندرئين حصي ۾ هڪ شخص کي ڏٺو ته قبلي ڏانهن رخ ڪري وظيفي ۾ مصروف هو. مان مسجد جي اڱڻ ۾ دروازي وٽ هئس، مسجد ۾ ٻيو ڪير به نه هو اوچتو مسجد ۾ ڪجهه هلڪو آواز محسوس ٿيو جيئن ڪا ماکيءَ جي مک جي ڀُڻڪار هجي. هڪدم منهنجي دل ۾ هي حديث پاڪ آئي: ”الله وارن جي دل مان اهڙو آواز نڪرندو آهي جيئن ماکيءَ جي مک ڀُڻڪار ڪندي هجي.“ (المستدرک ج 2 ص 180 حديث 1898) مان وظيفو ڇڏي ان ڏانهن ويس ته ان ڪان مغفرت جي دعا ڪرايان ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه مان ڪڏهن به ڪنهن بزرگ وٽ دنيا جي حاجت لاءِ نه ويس، جڏهن به ويس ان خيال سان ته مغفرت جي دعا ڪرائيندس. اجا ٻه قدم ئي ان ڏانهن وڌيس ته ان بزرگ مون ڏانهن منهن ڪري آسمان ڏانهن هٿ ڪڻي ٽي دفعا چيو: ”اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا، اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا، اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا“ (اي الله! منهنجي هن ڀاءُ کي بخش، اي الله! منهنجي هن ڀاءُ جي مغفرت فرماءِ،

اي الله! منهنجي هن ياءُ ڪي معاف فرماءِ) آئون سمجهي ويس تہ جڻ فرمايائون: ”اسان تنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو، هاڻي اسان جي ڪم ۾ رڪاوٽ نہ وجهہ“ تہ مان اتان ئي موٽي آيس.“(ملفوظات اعليٰ حضرت ص 490)

دعویٰ ہے سب سے تیری شفاعت پہ بیشتر
دفتر میں عاصیوں کے شہا، انتخاب ہوں (حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿20﴾ توهان زيارت جي لاءِ نہ آيا تہ اسان هليا آياسين

حضرت سيدنا ابو الحسن بُنان الحمّال عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الجلال فرمائن ٿا تہ اسان جي ڪجهہ دوستن ٻڌايو تہ مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا ۾ هڪ بزرگ جيڪو ”ابن ثابت“ جي نالي سان مشهور هو. هو مسلسل 60 سالن تائين هر سال فقط حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درٻارِ پاڪ ۾ سلام عرض ڪرڻ جي نيت سان مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا ۾ حاضر ٿيندو رهيو، هڪ سال ڪنهن سبب جي ڪري حاضر نہ ٿي سگهيو تہ هڪ ڏينهن اهو پنهنجي حجري مبارڪ ۾ ويٺي ننڊ جي جهوٽن ۾ هو تہ تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائي رهيا هئا: ابن ثابت! تون اسان جي زيارت جي لاءِ نہ آئين تہ اسان هليا آياسين. (الحاوي للفتاوي ج 2 ص 316)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دیکھی جو بے کسی تو اُنہیں رحم آگیا
گھبرا کے ہوگئے وہ گنہگار کی طرف (ذوقِ نعت)

## ﴿21﴾ اسان اوهان جو عُذر قبول ڪيو

حضرت سيدنا ابوالفضل محمد بن نُعَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا محمد بن يَعليٰ ڪِناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪثرت سان نبي رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدّس تُربت جي زيارت ڪندا هئا ۽ پڻ ڪيترائي ڀيرا ديدار سان فيضياب ٿيا هئا. هڪ ڏينهن دربار اقدس جي حاضريءَ جي ارادي سان نڪتا، پر پير ۾ ڏک لڳڻ جي ڪري مديني جو سفر جاري نہ رکي سگهيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن هڪ چٺي لکي ڪنهن حاجيءَ کي ڏني ۽ فرمايو تہ مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ مزار پاڪ جي ويجهو منهنجي اها چٺي رکي عرض ڪجانءِ تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪِناني سلام ڪان پوءِ التجا ٿو ڪري تہ اوهان کي خبر آهي تہ ڪناني جي حاضريءَ ۾ ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ بڻي آهي؟ انهيءَ شخص ائين ئي ڪيو. حضرت سيدنا ڪناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرمائي ارشاد فرمايو: ”اي ڪناني! تنهنجو خط پهچي ويو آهي ۽ اسان اوهان جو عذر بہ قبول ڪري ڇڏيو آهي.“ (الروض الفائق ص 306)

پاس والے یہ راز کیا جانیں
دُور سے بھی سلام ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿22﴾ پٽ قيد مان آزاد ٿي ويو

حضرت سيدنا ابو عبدالله بن محمد اَزدِي اَنْدَلُسِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوى فرمائن ٿا تہ اَندَلُس ۾ هڪ عاشق رسول جي پٽ کي رُومين قيد ڪري ڇڏيو. اهو شخص بارگاهِ رسالت ۾ فرياد جي ارادي سان مديني شريف ڏانهن روانو ٿيو، راهہ ۾ ڪجهہ ڄاڻ سڃاڻ وارن سان ملاقات

تي، ڳالهه ٻولهه دؤران انهن چيو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تہ گهر ويني بہ اِستِغاثہ (يعني فرياد) ڪري سگهجي ٿو ۽ ان مقصد جي لاءِ حاضري جي ضرورت ناهي، پر انهن مديني جو سفر جاري رکيو. مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا پهچي دربار رسالت ۾ حاضريءَ جو شرف حاصل ڪيو ۽ سلام ڪان پوءِ پنهنجو مقصد بيان ڪيو. ڪرم تي ويو جو رات جو خواب ۾ سروَرِ ڪائناتصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زيارت ڪرائي ۽ ارشاد فرمايو: پنهنجي شهر پهچو، تنهنجو مقصد پورو ٿي چڪو آهي. جڏهن هو پنهنجي وطن پهتو تہ ان جو فرزند دلبند سچ پچ گهر اچي چڪو هو. پڇڻ تي پٽ ٻڌايو تہ فلاڻي رات مون سميت تمام گهڻن قيدين کي رومين جي قيد مان اوچتو آزادي نصيب ٿي. جڏهن عاشق رسول حساب لڳايو تہ هي اها ئي رات هئي جنهن ۾ خواب جي بشارت ملي هئي. (شواهد الحق ص 225) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٹتے ہیں جہاں بھر کے آلام مدینے میں بگڑے ہوئے بنتے ہیں سب کام مدینے میں
آقا کی عنایت ہے ہر گام مدینے میں جاتا نہیں کوئی بھی ناکام مدینے میں

(وسائل بخشش ص ۴۰۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿23﴾ غيب دان آقا خواب ۾ برسات جي بشارت ڏني

حضرت سيدنا امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوى جا استاد محترم حضرت سيدنا امام ابن ابي شيبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دؤرِ خلافت ۾ ڏڪار پيو. هڪ شخص رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ تي حاضر ٿي

عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي اُمت جي لاءِ بارش طلب فرمايو ڇوته ماڻهو مري رهيا آهن. جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي خواب ۾ اچي ارشاد فرمايو: عمر وٽ وڃي منهنجو سلام چئو ۽ ان کي ٻڌايو ته بارش ٿيندي. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 7 ص 482 حديث 35 مختصراً، فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 695) اهي شخص صحابي رسول حضرت بلال بن حارث رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا. (فتح الباري ج 3 ص 430 تحت الحديث 1010) حضرت سيدنا امام ابن حَجر عسقلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو ته اها روايت امام ابن ابي شيبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن صحيح سَندن سان بيان ڪئي آهي. (ايضاً)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

برستا نہیں دیکھ کر ابرِ رحمت
بدوں پر بھی برسادے برسانے والے (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿24﴾ ڪوهه مان آزادي ڏياري

حضرت سيدنا احمد بن محمد سَلاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري جڏهن مان سفر تي روانو ٿيڻ لڳس ته سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يا سَيِّدَ الڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! سفر دوران منهنجو صحرا ۽ بيابان مان گذر ٿيندو ۽ جڏهن ڪا مصيبت پيش ايندي ته الله تعاليٰ کان دعا ڪندس ۽ اوهان جو وسيلو اختيار ڪندس، شيخين ڪريمين حضرت سيدنا ابو بڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي بارگاهه ۾ به حاضر ٿي ائين ئي عرض ڪيو. هفتو ڪن جهنگ ۽ بيابان ۾ سفر ڪندو رهيس، انهيءَ دوران

اوچتو هڪ کوھ ۾ ڪري پيس، ان ۾ پاڻي ڪافي هو صبح ڪان وٺي عصر تائين کوھ ۾ غوطا کائيندو رهيس، موت اچي مٿان بيٺو ته ايتري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ شيخين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا ڪان رخصت ٿيندي وقت جيڪو ڪجھ عرض ڪيو هو اهو ياد اچي ويو. ان ڪري مون عرض ڪيو: يا حبيبي! يا رسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي التجا قبول ڪندي منهنجي دستگيري فرمايو ۽ اهڙيءَ طرح شيخين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کي بہ درخواست ڪئي. ڏسندي ئي ڏسندي ڪنهن مون کي کوھ جي تھ مان ڪڍي ڪري کوھ جي ڪناري تي ويهاري ڇڏيو ۽ ائين مان محبوب ربّ العِباد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد سان موت جي ور چڙھڻ ڪان بچي ويس. (شواهد الحق ص 231)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فریادِ اُمّتی جو کرے حالِ زار میں

ممکن نہیں کہ خیرِ بَشَر کو خبر نہ ہو (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل

   


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net